Sindhi Sangat
A Registered Non Profit Organisation F-39440
سنڌي سنگت

# باندر جو اِنصاف

اَگَڻ ۾ راند ڪرڻ جو مزو ئي ٻيو آهي. پر توهان ڪڏهن ٻلين کي اَگَڻ ۾ وڙهندي ڏٺو آهي؟

هِڪ دفعي جي ڳالهه آهي "سندرپُر" نالي هِڪ شهر هو. شهر جي هڪ گهر جي اَگَڻ ۾ هڪ ڪيڪ پيو هو. هِڪ ٻليءَ اُهو ڪيڪَ ٽُڪر ڏٺو ۽ اُن کي کائڻ لاءِ پڄندي آئي. سوِ چيائين،"اَڙي واهه! اَڄ تہ موج جي محفل لڳندي. نرم نرم ڪيڪ کائڻ لاءِ مليو آهي". پر ايتري ۾ هِڪ ٻي ٻلي بہ اُتي اچي پهُتي."مياٺو مياٺو! ڪري چوڻ لڳي،" مياٺو مياٺو هيءُ ڪيڪ تہ مُنهنجو آهي، مان کائيندس!"

پهرين ٻليءَ چيو،"مان هِتي توکان پهرئين پهُتي آهيان، تون هِتان هلي وڃ ، اِهو سڄو ڪيڪ مان کائيندس".

مياٺو مياٺو! ٻنهي ٻِلين جو ڪيڪ کائڻ تي جهڳڙو شروع ٿي ويو. ٻئي ٻليون هِڪ ٻئي سان رڙيون ڪري وِڙهڻ لڳيون.

هِنن جي پاسي ۾ هِڪ باندر وينو هو. ٻنهي ٻلين کي وِڙهندو ڏسي من ئي من ۾ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين، "پهرين توهان ٻئي هڪٻئي سان وِڙهڻ بند ڪيو ۽ ڪيڪ مُون وٽ ڪٽي اچو تہ مان توهان کي ڪيڪ هِڪ جيترو وِرهائي ٿو ڏيان".

اِهو ٻڌي باندر ڪيڪ کي ٻِن ٽُڪرن ۾ ورهايو ۽ اُهي ٻئي ٽُڪر ساهميءَ جي ٻِن پُرن ۾ وجهي تورڻ لڳو. ساهميءَ جو هڪ پر هيٺ ٿي ويو. باندر چيو،"اڙي!هيءُ ڪيڪ جو ٽُڪر ٻئي ڪيڪ جي ٽڪر کان ٿورو وڏو آهي. مُونکي هِن کي ننڍو ڪرڻ گُهرجي. سو وڏي ٽُڪر مان چڪ پري ننڍو ڪيائين تہ ٻيو پُر هيٺ ٿي ويو. هن دفعي پڻ ٻئي پاسا هيٺ مٿي ٿيڻ لڳا. ٻنهي کي هِڪ جيترو ڪرڻ لاءِ هو ٽڪر ٽڪر چڪ پري ٻنهي ڪيڪن مان کائيندو ويو. ايئن ئي ٻنهي ڪيڪ جي ٽڪرن کي هڪ جيترو ڪندي باندر سڄو ڪيڪ ئي کائي پورو ڪيو. ڪيڪ جو هيءُ حال ڏسي ٻئي ٻليون ڏُکي ٿي هِڪ ٻئي کي نهارڻ لڳيون ۽ ڏاڍو نراس ٿي اُتان هلي ويئون.

"سو ٻارو ٻِن ڄڻن جي جهڳڙي ۾ ٽيون هميشهه فائدو وٺي ويندو آهي

سو ٻارو اِن ڪري اسان کي پاڻ ۾ وِڙهڻ نہ گهرجي".